SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1990

SINDH ACT NO.II OF 1990

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم ۽ روانگي محصول معقوليت) ايڪٽ، 1989

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT AND RAWANGI MAHSOOL VALIDATING) ACT, 1989

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان
Short title
2. 1979 جي سنڌ آردیننس XII جي شيڊول V جي ترميم
Amendment of Schedule V of Sindh Ordinance XII of 1979
3. ڪن شين تي روانگي محصول جي معقوليت
Validation of Rawangi Mahsool on certain commodities
4. 1989 جي سنڌ آردیننس -I جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance-I of 1989

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1990

SINDH ACT NO.II OF 1990

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم ۽ روانگي محصول معقوليت) ايڪٽ، 1989

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT AND RAWANGI MAHSOOL VALIDATING) ACT, 1989

[16 جنوري 1990]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي ۽ صوبي ۾ ضلعي ڪائونسلن ۾ ڪجهه شين تي روانگي محصول لڳائڻ جي معقوليت ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ۽ صوبي ۾ ضلعي ڪائونسلن ۾ ڪجهه شين تي روانگي محصول لڳائڻ جي معقوليت ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان Short title

1. هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم ۽ روانگي محصول معقوليت) ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول V جي ترميم Amendment of Schedule V of Sindh Ordinance XII of 1979

2.سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي شيڊول V ۾، حصي III جي داخلا 6 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو ۽ پهرين سيپٽمبر 1983 ۽ 19 مئي 1984 ۾، ضلعي ڪائونسل حيدرآباد ۽ ضلعي ڪائونسل نوابشاهه ترتيبوار ۾ ۽ 12 جون 1986 ۾، ٻين ضلعي ڪائونسلز جي

صورت ۾ ان کي ايئن ئي شامل سمجهيو ويندو.

"بشرطيڪ روانگي محصول هارڻ جي ڪاٺ، عمارتن جي تعميراتي ڪاٺ، ڪٽڪ، جوَ، چانورن، ڪپهه (اٽيل، اڻ اٽيل يا ڦوڳ)، ريڪٽيفائيڊ اسپرٽ، چاس، ڪنڊ يا ڪنڊ جي پيداوار جهڙو مصري، ريوڙي ۽ مٺائي، پوءِ ڇو نه اهڙي شئي يا مادو روينيو ضلعي جي شهري يا ٻهراڙي حدن کان برآمد ڪيو وڃي."

3.جيستائين ڪجهه چاڙايل آرڊيننس، ان سلسلي ۾ قاعدن يا ڪنهن فيصلي، حڪم يا ڪنهن عدالت جي ڏکري جي متضاد نه هجي، تيستائين:

کن شين تي روانگي محصول جي معقوليت

Validation of Rawangi Mahsool on certain commodities

(a) حڪومت سنڌ، هائوسنگ، ٽائون پلاننگ، لوڪل گورنمينٽ ۽ رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ نوٽيفڪيشن نمبر SOV/DC-V(7)/85.pt.I تاريخ 12 جون 1986، جيڪو ڪجهه شين تي روانگي محصول لاءِ بااختيار بڻائي، هميشه ايئن ئي ڪارگر سمجهيو ويندو ۽ ان تي ايئن ڪي سختيءَ سان عمل ڪرايو ويندو، پر ضلعي ڪائونسل حيدرآباد جي صورت ۾ ۽ ضلعي ڪائونسل نوابشاهه جي صورت ۾ اهو پهرين سيپٽمبر 1983 ۽ 19 مئي 1984 ترتيبوار کان لاڳو سمجهيو ويندو.

(b) چاڙايل نوٽيفڪيشن جي سلسلي ۾ ضلعي ڪائونسل طرفان لڳايل، جمع ڪيل، اوگاڙيل، وصول ڪيل ۽ مڙهيل روانگي محصول هميشه ڪارگر نموني لڳايل، جمع ڪيل، اوگاڙيل، وصول ڪيل ۽ مڙهيل سمجهيو ويندو.

1989 جي سنڌ آرڊيننس I- جي منسوخي

Repeal of

4.سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم ۽ روانگي محصول معقوليت) آرڊيننس، 1989 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن

جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي	Sindh Ordinance-I of 1989